سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جوجدول

# هرجائزڪم کان پهريان

# بسم الله پڙهڻ

16 اپريل 2026



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ

**(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اج جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **جائز ڪم ڪان پهريان بسم الله پڙهڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **تيل لڳائڻ وقت پڙهڻ جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم!

# هر جائز ڪم ڪان پهريان بسم الله پڙهڻ

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ بخشش آهي. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال نمبر 46

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي فضل سان اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه روحاني ترقيءَ لاءِ اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ سوالن جي صورت ۾ ”نيڪ اعمال“ جا مختلف رسالا ترتيب ڏنا آهن. اج اسان ”72 نيڪ اعمال“ جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 46 جي باري ۾ سکنداسين.

---

1... تاريخ مدينة دمشق، جلد:61، صفحہ:381۔

نيڪ عمل نمبر 46: ڇا اڄ توهان پنجن ئي نمازن کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هڪ ڀيرو آيت الڪرسي، سورة الاخلاص ۽ تسبيح فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا پڙهي؟

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿٢٥﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ صبح ۽ شام پنهنجي ربّ جو نالو ياد ڪيو. (پاره:29،الدهر :25)

يعني ڏينهن رات هر وقت، هر حال ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪريو![1] اسان ڪي گهرجي تہ هن آيتِ ڪريمہ تي عمل جي نيت سان هر جائز ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان بِسْمِ الله پڙهي ونون. ائين ڪرڻ سان ڪم ۾ برڪت بہ ايندي ۽ الله پاڪ جو ذڪر بہ ٿي ويندو.

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**جيڪو بہ اهم ڪم بِسْمِ الله سان شروع ناهي ڪيو ويندو، اهو اڌورو رهجي ويندو آهي (يعني ان ۾ برڪت نٽي رهي)** [2]

## بسم الله پڙهڻ بابت احڪام

(1) هر جائز ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان بسم الله پڙهڻ سنت آهي. (2) حرام ڪمن کي جائز سمجهندي انهن کان اڳ بسم الله پڙهڻ ڪفر آهي. (3) حُقو، سگريٽ، ڪچو بصر ۽ ثوم وغيره جهڙيون بدبودار شيون کائڻ (يا استعمال ڪرڻ) وقت بسم الله پڙهڻ مڪروه آهي.[3]

---

1 تفسير روح البيان ،پاره:29،سورة الدهر،زير آيت :25،جلد:10،صفحه:280 ـ
2 جامع صغير،صفحه:391،حديث:6285ـ
3 فتاوىٰ فيض الرسول ،جلد:2،صفحه:506،بتغير قليلـ

# بسم اللّٰه پڙهڻ جا فائدا

۞ جنهن ڪم کان اڳ بِسۡمِ اللّٰه پڙهي وڃي، ان ۾ برڪت ايندي آهي ۞ شيطان کان حفاظت ٿيندي آهي ۞ ۽ اللّٰه پاڪ جي مدد شامل ٿي ويندي آهي ۞ هڪ ڀيرو بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ سان 76 هزار نيڪيون ملنديون آهن، 76 هزار گناهه معاف ٿيندا آهن ۽ 76 هزار درجا بلند ٿيندا آهن [1] ۞ جيڪو 7 ڏينهن تائين اول آخر درود پاڪ سان گڏ 786 ڀيرا بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهندو، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ان جي هر حاجت پوري ٿيندي ۞ جيڪو رات جو سمهڻ وقت 21 ڀيرا بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهندو، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! اهو ان رات شيطان، چوري، اوچتي موت ۽ هر آفت کان محفوظ رهندو.[2]

**نوٽ**: بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ ۾ درست مخارج سان اکرن (حرفن) جي ادائيگي ضروري آهي، تنهنڪري ڪنهن قاري يا عالم کي پڙهي ٻڌائي ونو! جيڪڏهن حرف صحيح مخارج سان ادا نه ٿيندا هجن ته سکي ونو! نه ته فائدي جي بدران نقصان جو خطرو آهي.

# هر جائز ڪم کان اڳ بسم اللّٰه پڙهڻ جي عادت بنائڻ جا طريقا

۞ بِسۡمِ اللّٰهِ شريف جا فضائل پڙهو! ۽ انهن کي ذهن ۾ ويهاريو! (ان جي لاءِ اميرِ اهلِ سنت جو ڪتاب فيضانِ بِسۡمِ اللّٰهِ جو مطالعو نهايت مفيد آهي) ۞ جيڪڏهن ڪنهن ڪم کان پهريان بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ وسري وڃي، ته جڏهن به ياد اچي، فوراً پڙهي ونو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! آهستي آهستي عادت پڪي ٿي ويندي ۞ اهڙن هنڌن تي

---

1 فيضان سنت، صفحه:134۔
2 فيضان سنت، صفحه:53۔

جتي نظر پوندي رهندي هجي، بِسۡمِ اللّٰهِ لکي لڳائي ڇڏيو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ان سان بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻ ياد ايندو رهندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر 46 جي مطابق جائز ڪمن کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي. نيت ڪريو ته روزانو هر جائز ڪم کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهنداسين. اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بِجاهِ خاتَمِ النّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

## تيل لڳائڻ وقت جي دعا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ط

**ترجمو:** الله پاڪ جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحمت وارو آهي.

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوۡرَةُ الۡمُلۡك پڙهي يا ٻڌي ورتي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيح فاطمه ۽ سُوۡرَةُ الۡاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):**

اڪين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ڪاڌو ڪاڌو؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهه نہ ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰةاللّيل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ٻين کان گهري ڪري شيون استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجهه نہ ڪجهه وقت”مدني چينل“ ڏنو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):** وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):**

فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(49):** اسراف کان بچيؤ؟ **(50):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(51):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(52):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(53):** فضول ڳالهين کان بچيا؟ **(54):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(55):** عمامو شريف ٻَڌو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو **12** پيرا ۞ اشاري سان گفتگو **12** پيرا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو **12** پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهر مان موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن بہ ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علائقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارن پر هاڻي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟